# هُنر دولت آهي

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪ بيواهہ رهندي هئي. کيس هڪڙو پُٽ هو. هن سوچيو تہ پنهنجي پُٽ کي ڪو هنر سيکارجي. اهو سوچي هُوءَ پنهنجي پُٽ کي شهر وٺي آئي. شهر ۾ هڪ واڍي کي ڏٺائين، جنهن واهولي سان ڪاٺ جا چوڏا پئي لاٿا. ڪاٺ کي هن اهڙو تہ لَسو ڪري ڇڏيو، جو ان تان ماکوڙي بہ ترڪِي تي وئي.

مائِي اهو لقاءُ ڏسي سمجهي وئي تہ هي تہ ڪو وڏو ڪاريگر ٿو ڏسجي. سو هوءَ پنهنجي پُٽ کي اُن واڍي وٽ وٺي آئي ۽ ان کي چيائين تہ پلائي ڪري هن کي هنر سيکار! واڍي هن کي چيو تہ منهنجو هڪ شرط آهي. آءٌ رات جو ڇوڪري کي هن ڪوٺيءَ ۾ بند ڪندس، جيڪڏهن صبح تائين ڇوڪرو جيئرو هوندو، تہ پوءِ آءٌ کيس شاگرد ڪندس. مائيءَ بہ الله جو آسرو ڪري پُٽ کي واڍي جي حوالي ڪيو. واڍي ڇوڪري کي ان ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو.

اُها ڪوٺي اهڙي هئي، جو اُن ۾ رات جو ڏاڍو سيءُ پوندو هو. سِيءَ کان بچڻ لاءِ ڪوٺيءَ ۾ ڪوبہ بندوبست ڪونہ هو، اجا ٿوري دير مس ٿي تہ ڇوڪري کي اچي سِيءَ ورايو. ڇوڪري سِيءَ کان بچڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر سِيءُ گهٽ نہ ٿيو. ڪوٺيءَ جي وچ تي هڪ وڏو ٿُڙُ پيو هو. هو سڄي رات ٿُڙُ کي اُٿلائيندو پُٿلائيندو رهيو. ائين هُن جو جسم گرم رهيو.

صبح جو جيئن ئي واڍي ڪوٺي کولي، تہ ڇوڪرو

جيئرو ڏنائين. پوءِ اُن کي پنهنجو شاگرد ڪيائين ۽ پنهنجو سمورو هُنر کيس سيکاريائين. ڇوڪري جڏهن هنر سکي ورتو، تڏهن واڍي کيس موڪل ڏني ته ٻچا، هاڻي وڃي روزگار ڪر ۽ سُکيو گذار.

ڇوڪرو هلندو هلندو هڪڙي رڻ ۾ پهتو. اُتي اُٺ جا هڏا پيل ڏٺائين. هو به اوزار ڪڍي پنهنجو هُنر آزمائڻ لڳو. انهن هڏن مان هن پاءُ- ڏيڍ چانور ٺاهيا. اُهي چانور هَڙ ۾ ٻڌي وري اُتي هليو.

هلندو هلندو اچي هڪ بادشاهيءَ ۾ پهتو. اُتي جي شهزاديءَ اعلان ڪرايو هو، ته جنهن جو هنر اُن کي پسند ايندو، انهيءَ سان هوءَ شادي ڪندي؛ پر جيڪڏهن شهزاديءَ کي اُن جو هنر نه وڻيو، ته پوءِ ان جو سمورو سامان ضبط ڪري، کيس غلام بڻايو ويندو. شهزاديءَ جي ٻانهيءَ اهو سمورو احوال انهيءَ ڇوڪري کي ٻڌايو. ڇوڪري هَڙ مان چانور ڪڍي ٻانهيءَ کي ڏنا ۽ چيائين ته هي چانور مون کي رڌي موڪليو.

ٻانهيءَ اُهي چانور شهزاديءَ کي آڻي ڏنا. شهزادي پنهنجي مهمانن لاءِ ڪاڌو پاڻ تيار ڪندي هئي. سو اهي چانور به هوءَ پاڻ رڌڻ لڳي؛ پر اُهي اصلي چانور ته هئا ڪونه، جو رڌجن. شهزادي چانورن کي ڳارڻ جا وڏا جتن ڪيا، پر چانور رڌجن ئي نه! نيٺ شهزاديءَ ڇوڪري کي گهرايو ۽ هن کان پڇيائين، ته هي ڪهڙا چانور آهن؟ جيڪي رڌجن ئي نٿا! ان تي ڇوڪري شهزاديءَ کي سڄي ڳالهه ٻڌائي.

شهزاديءَ کي ڇوڪري جو هنر پسند آيو. ڪجهه وقت

ڪان پوءِ ٻنهي جي ڌام ڌوم سان شادي ٿي. ڇوڪري پنهنجي ماءُ کي ٻہ گهرائي ورتو ۽ سڀئي خوش گذارڻ لڳا.

سياڻن سچ چيو آهي تہ "هنر دولت آهي." هُنر جي دولت جنهن ٻہ ماڻهوءَ وٽ هوندي، اهو ڪڏهن بہ بک نہ مرندو.

(تلخيص: ڊاڪٽر سحر امداد)

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- بيواهہ پنهنجي پُٽ کي هنر سيکارڻ لاءِ ڪٿي وٺي وئي؟
2- هوءَ پنهنجي پُٽ کي ڪهڙي ڪاريگر وٽ وٺي وئي؟
3- واڍي مائيءَ کي ڪهڙو شرط ٻڌايو؟
4- ڇوڪري اُٺ جي هڏن مان ڇا ٺاهيا؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

هَڙ – ضبط - لقاءُ – جيئرو – رڻ – جتن.

(ج) هن سبق ۾ هڪڙي هُنرمند (واڍي) جو ذڪر آهي، توهان ٻين هنرمندن جا نالا لکي ڏيکاريو.